سنت مالا
١٦٥٥-١٦٥٨

جون- جولاءِ، ٢٠١٠

ڏرت پريئي، ڏرم
نہ ڇوڙيئي

١٠ رپيا

واسواڻي

وشیہ سوُچِی

سمرپن

سِيتل سِيتا
جي ڪَمل چرَنن ۾!

واسواڻي

پرستاونا

سنت مالا جي هن نمبر ۾ ٣ دل پڄائيندڙ آکاڻيون آهن- (١) رسڪا؛ (٢) رڪمڻي؛ (٣) ميتا- اِنهن ٽنهي ڇوڪرين پوترتا جو آدرش ڏيکاريو؛ ٽنهي جي جيون ۾ اِهو آدرش چمڪيو تہ ”ڌرت پريئي، ڌرم نہ ڇوڙيئي!“- ميتا جي سندر ڳالهہ ۾ پڙهون ٿا تہ ڪيئن ميتا پنهنجي سڪيا بادشاھ کي، جو کيس ڏتارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، هيٺين اکرن ۾ ڏئي ٿي تہ:-

نرمل صاف سدا سا نماڻي
سا تہ سياڳي، راڻين راڻي!

پوترتا ۽ پتورتا جو آدرش انهن سندر اکرن ۾ سمايل آهي:- نرمل صاف سدا سا نماڻي، سا تہ سياڳي راڻين راڻي- ڀارت هن وقت اِهو پوترتا ڌرم وڃي ٿو وساريندو! شل ڀارت تي، آسيس ٿئي تہ وري پوترتا جو جهنڊو جهولي! هندو سڀيتا جو بنياد آهي پوترتا! هندو ڌرم جو پيغام آهہ پوترتا! ذرت بريئي، ڌرم نہ ڇوڙيئي!

رَسِڪا

(۱)

رسڪا هڪ سندر بالڪِ آهه- تن ڏينهن ۾ راندين لاءِ ڏاڍو شونق هو- راندين ڏسڻ لاءِ وڏي ميدان ۾ هزارين ماڻهو اَچِي ڪنا ٿيندا هئا. رسڪا پنهنجي پتا سان راندين تان موٽي ٿي- رستي تي ٻنهي کي ٻه شاهينگ پڪڙي وڃِي هڪ قلعي ۾ قابو ڪن ٿا. اُنهن ٻن مان هڪ جو نالو آهه ٿنٿيا. رسڪا کي ٿنٿيا ڏسي ٿو ۽ مٿس موهت ٿِي پوي ٿو. قلعي ۾ تجويز ڪري رسڪا کي سندس پتا کان جدا ڪري ٿو ۽ هڪ اَڪيلي ڪوٺيءَ ۾ رسڪا کي قابو ڪري ٿو.

رسڪا:-(ڪنڌ مٿي ڪٽي ٿِي، ڇرڪ ماري ٿي) ”هي ڪير؟ مان ته ٻِجان ٿِي!“ ’هڪ ٻڍي مائِي ڏسي ٿِي).

ٻڍي مائي:- (رسڪا ڏي گهوُر ڪري نهاري ٿِي) مان! تون ننڍي ڪنوارا تون وري ڪير آهين؟

نوڪر:- (ٻڍي مائيءَ کي)- مان ڪر ۽ هتان هلي وڃ! اِئين آسان جي ڏٽيءَ جو حڪم آهه- هيءَ ڪوني ڇڏ

شل ڀارت پوترتا جو جهنڊو، رشين جي سڪيا جو جهنڊو، جهولي! هن ڪلجڳ جي ڪٺور وقت، هن زماني جي اوندھہ انڌڪار ۾، شل ڀارت پوترتا جي آدرش جي نئين ساکِ ڏئي!

واسواڻي

تي ڏين؟ تون روئي سڱهين تي؛ چو نہ تي ٻالهائين؟

رسڪا:- ماتا! مون تي ڪاوڙ نہ ڪر! مونتي ديا ڪر! مون کي ٻڌاءِ تہ هنن کي ڇا کپي؟ مون کي زوريءَ سان پڪڙي هت آندو اٿن؛ ڪين منهنجي حياتي کپي ڇا؟ مان خوشيءَ سان حياتي ڏينديس!

مائي:- تنهنجي حياتيِ؟ نہ! تنهنجي حياتي وٺڻ مان ڪين ڪهڙي خوشي ايندي؟ مون تي اعتبار ڪر! تنهنجي حياتي کي جوکو ڪونهي، پر

رسڪا:- ڪا مدد ڪانہ ملندي؟ ڪو رستو ڪونهي جو ڀڄي ڇٽان؟ گهڻو ئي پئسو جيڪر توکي ڏيان، جي ڪو رستو ٻڌائين!

مائي! رستو؟ هتان رستو ڪوئي ڪونهي؛ فقط هڪ موت جو دروازو! سونهن واري رسڪا! جن سان تنهنجو پلئہ اٽڪيو آهہ تنکي نکو آهہ وويک، نکو رحم!هينئر موڪل وٺان تي! وڃان تي! منهنجو ڏ'ٻو تيار ٿيو آهہ- ڪتڻو هوم سو ڪتيم. منهنجو ڪم پورو ٿيو- تنهنجو ڪم اڃان شروع ٿئي ٿو.

رسڪا:- ترس! مائيِ! ترس! سائينءَ جي صدقي ترس؛ پوءِ بيشڪ مون تي ڪاوڙ ڪر! ترس! ڇو تہ تنهنجي حاضري منهنجي لاءِ ڪو اڇو آهہ!

مائي:- ڪري ديوي ماتا هِت حاضر هجي، تہ بہ

تہ ھِت ھيءَ سونھن واري ڇوڪري ٽڪي!

ٻڍي مائي:- (گھگھي آواز ۾)- اِھو آھہ اُجورو منھنجي شيوا جو؟ ھڪ وقت ھو جڏھن منھنجو ھڪ اکر ڪافي ھو اوھان کي نوڪريءَ مان موقوف ڪرائڻ واسطي؛ پر ھن وقت تو جھڙو سئس نوڪر بہ مون تي حڪم ھلائي ٿو!

نوڪر:- ٻڍي مائي! بحث نہ ڪر! پر اُٿ! ھِتان ھلي وڃ! ڏٽيءَ جي حڪم کي ھڪدم ٻڌ ۽ حڪم ۾ ھل!

ٻڍي مائي:- اَجان مون پورو ڪتيو بہ ڪين آھہ- ڪتيان تہ پوءِ وڃان! اڄ ۾ نہ ويندس!

نوڪر:- وڃي ٿو ڏٽيءَ کي ٻڌايان!

(اِئين چئي نوڪر رسڪا کي ٻڍي مائِي جي سنگہ ۾ ڇڏي وڃي ٿو).

ٻڍي مائي:- (پاڻ سان ويني ڳالھائي ۽ وقت بہ وقت رسڪ' ڏي پيئي نھاري):- ''ڪو شيطانِي ڪم من ۾ اَٿس ڇا؟ رسڪا جون اکيون سندر، وار ڪارا، شڪل ڪومل؛ مان سمجھي سگھان ٿي تہ ھن سندر ڇوڪريءَ کي ھت اَڪيليءَ ڪوٺيءَ ۾ ڇو موڪليو اَٿس! ھتان تہ ھڪ رڙ بہ ٻڌڻ ۾ نہ اچي! او رسڪا! ھِت تہ تون اڪيليءَ اونداھيءَ ڪوٺيءَ ۾ رھندينءَ ۽ تنھنجو آواز بہ ٻڌڻ ۾ نہ ايندو. رسڪا! تون ڪھڙي ملڪ جي آھين؟ جواب ڇو نہ

۾ ڪوبہ اندروني دروازو ڪونهي، نکي کي پاڻ کي لڪائي سگهي ٿي. ڪوئيءَ کي ڪوبہ دروازو ڪونهي جو اندران بند ڪري سگهجي. رسڪا سمجهي ٿي تہ صبر ۽ صدق آهن گڻ تن جا، جن جو روح ڪليل آهہ- رسڪا صبر ۾ سهي ٿي ۽ پريوءَ ۾ صدق رکي ٿي. رسڪا هندو تاريخ پڙهي آهہ، کيس خبر آهہ تہ ڪئن نہ وقت بہ وقت هندو ڇوڪرين ۽ استرين تي تڪليفون آيون آهن ۽ ڪئن تڪليفن کي اُنهن منهن ڏنو- ڪئن؟ صدق ۾! پريو شڪتي آهہ، مها شڪتي! پريوءَ جي شڪتيءَ ۾ وشواس رکي هندو جاتيءَ جي ڇوڪرين ۽ استرين وڏين مشڪلاتن کي منهن ڏنو! اشوڪ بن ۾، سمنڊن جي آرپار، لنڪا ۾، سيتا ڪئن نہ راوڻ جي تلوار کي ڪمزور ڪيو! دروپديءَ ڪئن نہ وڪاري ڪؤرون کي منهن ڏنو! پدمڻي سونهن واري ڪئن نہ مغلن جي لشڪر کي نربل ڪيو! سنڌ جي سهڻي ڇوڪريءَ مارئيءَ ڪئن نہ ظالم عمر کي پري رکيو! اُنهن سڀن کي صبر ۽ صدق جي شڪتي ملي! اُنهن سڀن پريوءَ ۾ وشواس رکيو!

سائينءَ ۾ جو صدق رکي
رحم ۾ اُن کي اوُ رکي!

تو لاءِ اڇهو ڪونهي. (متي نهاري ديويءَ جي مورت ڏيکاري ٿي؛ پٽ تي ٽنگيل آهہ)- رسڪا! ڏس! هيءَ مورت ديوي ماتا جي آهہ! پر تنهنجي قسمت قيد ۾ آهہ!

(ائين چئي هيءَ مائي رسڪا تي ڪلندي ڪوٺيءَ کان ٻاهر وڃي ٿي. هن مائيءَ جو کلڻ سندس شڪل کان بہ وڌيڪ بدزيب آهي. رسڪا ٻڌي ٿي تہ ڪٿن مائي ڏاڪڻ تان لهندي آهستي آهستي هيٺ وڃي ٿي).

رسڪا:- (اڪيلي) پريو! بيو ڪير جو بچائي؟ تو بن منهنجو بيو ڪير آهي؟

ائين پڪاري، پڪاري، روئي ٿي. رسڪا شاهوڪار گهر جي ٻالڪي آهہ؛ پر ننڍپڻ کان وٺي سهڻ سکي آهہ- پنهنجي شاهوڪار پتا جو ڏن ۽ ٻين شاهوڪارن جو پدارٿ ڏسي، وري وري چوندي هئي تہ ''سڀ فاني!''- رسڪا کي زماني جي گردش جو ويچار ننڍپڻ کان رهيو. ڏنائين تہ سندس پاري ۾ ڪٿن هڪ شاهوڪار اوچتو ئي اوچتو غريب ٿي پيو. رسڪا سمجهو تہ ماڻهو ڪڏهن ڪٽ تي تہ ڪڏهن پٽ تي! تنهنڪري رسڪا ننڍپڻ ۾ ئي صبر جو سبق سکي. صبر ۾ هڪ طاقت آهہ- رسڪا هن وقت بہ صبر ۽ صدق ۾ مشڪلات کي منهن ڏئي ٿي. مائيءَ جي وڃڻ کانپوءِ يڪدم ڪوٺيءَ جي جاچ ڪري ٿي، پر ڏسي ٿي تہ ڪو رستو ڪونهي جو ڪوٺيءَ مان ڀڄي وڃان- ڪوٺي

هن شاهينگہ کي ڏئي تہِ تہ من پئسي جي لالچ تي ساڻس چڱيءَ طرح هلي ۽ مٿس مهرباني ڪري.

رسڪا:- (شاهينگہ کي)- هي هيرن جا چورا ڪڻ! ۽ سائينءَ جي صدقي مون تي ۽ منهنجي ٻڍي پتا تي مهر ڪر! هي چورا قيمتي آهن پر تنهنجي جي چرنن ۾ رکان ٿي تہ اسان ٻنهي کي هن قلعي مان سلامت آزاد ڪرين!

شاهينگہ:- اَءِ هندو باغ جا سهڻا گل! هي هيرن جا چورا کهڙا نہ سهڻا آهن: پر تنهنجن اڇن ڏندن اڳيان پشيمان آهن. هي هيرا چمڪندڙ آهن، پر تنهنجن اکين جي جوت اڳيان جهڪا ٿي پون ٿا. ۽ جنهن وقت کان وٺي مون هي ڏنڌو اختيار ڪيو آهہ، تنهن وقت کان وٺي مون پرڻ ڪيو آهہ تہ مان پدارٿ کان مٿي رکندس پدمڻي، سونهن واري!

رسڪا:- اهڙي بي انصافي پاڻ سان نہ ڪر! هي هيرا وٺ ۽ مهر ڪر! هنن هيرن مان خوشي وٺ؛ پر اسان کي دکہ ڏيڻ سان توکي ئي آخرين نقصان پهچندو. منهنجو پتا شاهوڪار آهہ ۽ پڄنديءَ وارو آهہ- تنهنجون اِڇائون پوريون ڪري سگهي ٿو. تنهنجي ڏوهن لاءِ سرڪار کان معافي گهرائي سگهي ٿو ۽ توکي پنگت ۾ وري سکر ماڻهو ڪري داخل ڪري سگهي ٿو.

شاهينگہ:- اِءِ هندو چمن جا من موهيندڙ ڪنول

(٢)

رسڪا کي ننڍپڻ کان وٺي هيءَ سکيا مليل هئي ته (١) استريءِ ملڪ جو، پنگت جو، بنياد آهه ۽ (٢) استريءَ جي طاقت آهه پوترتا ۽ (٣) ڪيترين به مشڪلاتون اچن ته پوترتا، ڌرم، نه ڇڏجي.

اڪيلي ڪوٺيءَ ۾ ويهي رسڪا پاڻکي انهيءَ سکيا جي يادگيري ويٺي ڏياري ۽ وري وري پاڻ کي پيئي چوي ته ”ڌرت پريئي، ڌرم نه ڇوڙيئي.“ مشڪلات اچي پل اچي پر ڌرم نه ڇڏجي!

*

اوچتو ئي اوچتو رسڪا پيلي ٿي وڃي ٿي- ڇو؟ رسڪا ڏاڪڻ تي آواز ٻڌي ٿي! ڪوٺيءَ جو دروازو کليو ٿو. هڪ ماڻهو اندر گهري ٿو! ڊگهو آهه- پوشاڪ پيل اٿس اُنهن شاهينگن جي جن اچي رسڪا ۽ سندس پتا کي پڪڙيو هو. اِهو ماڻهو اندر اچي ٿو ۽ دروازو بند ڪري ٿو. ٽوپي اهڙي طرح پاتي اٿس جو سندس منهن ڍڪيل آهه؛ جڻ ته ڪو اهڙو ڪم ٿو ڪرڻ چاهي جنهن لاءِ کيس شرم اچي ٿو! رسڪا ته اَچِي ٿي ڊپ ۾ ڏڪي! رسڪا اڳيان اچي بهي ٿو. پر اجان جڙيت نٿي ٿئيس جو رسڪا کي ٻڌائي ته دروازو ڪولي اندر ڇو آيو آهيان!

رسڪا به قيمتي هيرن جا چوَرا ٻانهن منجهان لاهي

توکي پرواهه ڪانهي! مان ڪشميرِي آهيان؛ تون اُداسي؛ اسان جي وچ ۾ ڪهڙو سنٻنڌ ٿي سگهي ٿو؟- مان قدرت جي سونهن جي پوڄاري! تون ٺڪاڻن جي پاڻن پوڄائن ۾ مشغول! مان چمن جي پشپن ۽ پتن جي پياري؛ تون اُداسي بکاري! ڪنهن به قاعدي ۾ اَسان جي شادي ٿي نه ٿي سگهي!

اُداسي:- (ڪلي ٿو)- ڪشميريءَ سان شادي؟ ناشدني آهه! ڪشميريءَ سان شادي؟ ٿي نه ٿي سگهي، ڪري ڪشمير جي راڻي هجي! ٻڌ اَءِ رسڪا! سونهن واري! ڪري نه ڪو هندو راجا مونکي پنهنجي ڌيءُ شاديءَ ۾ ڏئي ۽ پنهنجي راڄ جو اڌ مونکي ڏيتي ليتيءَ ۾ ڏئي ته به مان اُن سان شادي ڪري نه ٿو سگهان- مان اُداسي آهيان- شادي ڪري نه ٿو سگهان- پر ڪُل طرح توسان رهي سگهان ٿو-

اُداسي امر ڪوشي،
اُداسي سد نردوشيِ!

رسڪا:- اَءِ اُداسي! تون ڇا ٿو چوين؟ اَءِ پاپيِ! مونکي به تون پاپ ۾ گهلڻ ٿو چاهين؟ ۽ جريت توکي ڪئن ٿي ٿئي جو تون پاپ لاءِ ڌرم جي شاهدي ٿو ڇڪين؟

اُداسي:- تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟ ڌرم جي خبر توکي ڪهڙيِ؟ ڌرم جا رکپال ته اسين اُداسيِ آهيون.

گل! جيڪي چئين تي سو برابر. پر ياد رک تہ تنهنجو پتا آهہ اُن جي هٿن ۾ جو هڪ وڏو جادوگر آهہ، جنهن کي ڪيميا جي وديا اچي ٿي، جو قيد جي لوهہ جي شيخن کي سون ڪري سگهي ٿو. تنهنجي پتا کان اهو جادوگر پئسا وٺي سگهي ٿو منهنجي مدد کان سواءِ. تنهنجي آزاد ٿيڻ جي قيمت آهہ نہ سون جواهر، پر پيار ۽ سونهن! ٻي ڪا قيمت مون کي قبول ڪانهي.

رسڪا:- هينئر مان سمجهان ٿي تہ تون ڪو شاهينگہ ڪونہ آهين. ڪوبہ شاهينگہ هيترن پئسن جي آڇ نہ موٽائيندو. ڪوبہ شاهينگہ اهڙي سندر ٻولي نہ ڳالهائي سگهندو. تون تہ ڪنهن شاندار گهر جو ٿو ڏسجين. تہ پنهنجو شان پنهنجي هلت چلت ۾ ڏيکار ۽ هي شوخيءَ جو پردو ڦٽو ڪر!

ٽنٽيا:- (شاهينگہ پردو پري ڪري ٿو. هنجو نالو آهہ ٽنٽيا. پردو پري ڪري چوي ٿو) برابر! برابر! تون جيڪي چوين ٿي سو برابر آهہ! مان شاهينگہ نہ آهيان، چور ڌاڙو ڪين آهيان. آءٌ هندو باغ جا گل گلابي! مان اُهو آهيان جو جيڪر تنهنجي ڳلي ۾ موتين جو هار پايان ۽ تنهنجي ٻانهن تي هيرا چاڙهيان، نہ تنهنجا هيرا جواهر ڪٽان!

رسڪا:- تہ ٻڌاءِ مون کي، توکي ڇا کپي؟ ڏن جي

۾ آهين! تير ڪمان سان مون توکي قابو ڪيو آهه- توکي منهنجي حڪم ۾ هلڻو آهه- نه هڪ انچ به پنهنجي حق جو مان ڇڏيندس- ۽ جي تون منهنجي ڳالهه نه قبوليندينءَ، نه مان زوري زبردستيءَ سان به پنهنجو ڪم پورو ڪندس!-
(رسڪا تي اُلر ڪري اَچي ٿو)

*

(٣)

اُداسي اڳتي وڌندو پيو اچي- رسڪا کي زور زبردستيءَ سان پڪڙڻ ٿو چاهي.

رسڪا:- پري! پري ٿي، اَءِ اُداسي! تنهنجو ڌرم آهه لباسي! ٻڌ مون کي! گهور پاپ ۾ گهرڻ ٿو چاهين! تنهنجي سرير جي طاقت بيشڪ مونکان وڌيڪ آهه- پريوءَ استرين کي ائين بنايو آهه؛ مردن ٿان ڪمزور؛ ۽ مردن جي بهادري نه هن ۾ آهه نه هو ابلا استرين جي رکيا ڪن. پر ياد رکه: هيءَ ڪوشش تنهنجي نه تون گهورو پاپ ڪرين ڳجهي نه رهندين! تنهنجو پاڪنڊ آنءَ پڌرو ڪنديس. هڪ هڪ کي ٻڌائينديس نه اُداسي ٿي تون ڪئن ڪِريو آهين. ۽ سڀئي توکي ڌڪاريندا نه تو ڪئن نه هڪ ڪنيا کي ڌتارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مٿس ڪنياءُ ڪرڻ لاءِ اُلڙ

رسڪا:- بيشڪ مون کي اُداسين جي خبر گھٽي ڪانهي- مان تہ اُن سناتن ڌرم جي پوڄاري آهيان جنهن جي سکيا مون کي ننڍپڻ ۾ مليل آهہ- پر اَءِ اُداسي! تنهنجو پنٽ ڪھڙو جنهن ۾ تون ''ڌرم'' کي تو شاهد بنائين پاپ جو؟ تنهنجو ٺڪاڻو ڪھڙو جنهن ۾ تون پاپ جي جيون اختيار ڪرين تو؟ تنهنجا پاٺ ڪھڙي ڪم جا جي ڪني ڪم ڪان توکي پري نہ ٿا رکن؟

اَءِ اُداسي! اُداسيِ!

تنهنجو ڌرم تہ آهہ لباسيِ!

اُداسي:- اَءِ ڪشميري گل گلابي! تنهنجو اُپديش مون ٻڌو- پر سمجھہ: شادي ڪرڻ جي تہ مون کي منع آهہ؛ پر جو پاپ مان ڪريان سو مونکي معاف آهہ جي مان ويهي پاٺ ڪريان!

رسڪا:- افسوس! اِهو پاٺ تہ پاکنڊ آهہ- ۽ تنهنجو ٺڪاڻو سون ۽ جواهرن سان پريل تہ پاپ جو گھر آهہ- ۽ تنهنجي جيون پاپ سان پريل آهہ- پاٺ ڪرين ۽ سنتن جي جون چرتر پڙهين ۽ پوءِ پاپ ۾ جيون کوهين! اِهو تہ ڌرم ڪونهي؛ پر دوکيبازي!

اُداسي:- (سندس اکين مان هينئر اُلا پيا نڪرن) اَءِ رسڪا! هيلتائين مون توسان نرم پئي ڳالهايو آهہ- پر هينئر مان توسان شوخ ڳالهائيندس- تون منهنجن هٿن

(ائين چئي رسڪا ٻئي هٿ ٻڌي پربوءَ کي پرارٿنا ڪري ٿي. مالڪ جي مهر منگي ٿي ته تپو ڏيڻ کان اڳي سندس روح سائينءَ جي رحم ۾ رهي! اُداسي عجب ۾ پوي ٿو ته رسڪا ڪهڙي نه بهادر آهه.)

اُداسي:- رسڪا! رسڪا! هيڏ لهه! زمين آسمان ۽ سمنڊ جو قسم مان کڻان ٿو ته مان توکي ڪوبه نقصان نه پهچائيندس!

رسڪا:- اَءِ پاپي! اُداسي! مان توتي اعتبار ڪئن ڪريان؟ تو مون کي سيکاريو آهه ته اوهان جي ٽڪاڻن ۾ پاڪنڊ آهه- پاٺ ڪري تون پاپ جي معافي وٺي ايندين! پوءِ توتي پت ڪهڙي؟

اُداسي:- رسڪا! مان قسم ٿو کڻان؛ پنهنجي نالي تي قسم، پنهنجي گديءَ تي قسم، پنهنجي شاستر تي قسم، ته مان توکي ڪوبه نقصان ڪونه پهچائيندس. جي نه منهنجي لاءِ ته به پنهنجي پتا جي صدقي، تپو نه ڏي! مان سندس دوست ٿيندس!

رسڪا:- افسوس تو لباسيءَ تي ڪهڙو اعتبار؟

اُداسي:- شل منهنجون ٻانهون سُڪي وڃن، شل منهنجو نالو بدنام ٿئي جي مان ڪوبه نقصان توکي پهچايان! ڪيترائي حڪم مون ٽوڙيا آهن؛ ڪيترائي پاپ ڪيا اٿم؛ پر پنهنجو انجام ڪڏهن ڪين ڀڳو اٿم-

ڪري آئين؟

اُداسي:- اَءِ ڪشميري! تون بيشڪ چالاڪ آهين. پر تنهنجو آواز هن قلعي کان ٻاهر وڃي ڪين سگهندو. هن قلعي جي پٿين اندر رئڻ ۽ رڙيون ۽ ابوجهن جون پڪارون سانت ۾ مري وڃن ٿيون، نہ ٿيون ٻاهر پهچن. هڪ ڳالهہ فقط توکي بچائي سگهندي- مون کي راضي رکہ! پوءِ مون وٽ تون راڻي ٿي رهہ!

رسڪا:- بيشرم! لباسي اُداسي! مها پاپي! توتي ۽ تنهنجي پاڪندي ڌرم ۽ گندي ٺڪاڻي کي مان ڌڪاريان ٿي. پوُندو تنهنجي منهن ۾؛ ٿُڪ تنهنجي ڌرم کي؛ لعنت لباس کي! منهنجو پريوءَ هن سخت آپدا ۾ بہ مون کي نہ ڇڏيندو- ضرور ڪو دروازو کوليندو ۽ تنهنجي پاپ جي اونهي کُن کان مون کي بچائيندو. ضرور!ضرور!

(ائين چئي رسڪا ڪونيءَ جي درِي کولي مٿي وڃِي بيهي ٿي. اُداسي عجب ۾ پوي ٿو. اڳتي قدم کڻي ٿو تہ رسڪا کي دريءَ تان هيٺ لاهيان؛ پر رسڪا کيس روڪي ٿي)

رسڪا:- اَءِ مغرور اُداسي! اڳتي نہ وڌ! جي هڪ پير تون اڳتي وڌيو آهين تہ ياد رکہ مان هتان ٽپو ڏينديس هيٺ پٿرن تي، ۽ تون زور زبردستي ڪرين تنهن کان اڳي مان پرزا پرزا ٿي وينديس!

رسڪا:- اَءِ پاپي اُداسي! مون کي تنهنجو ڊپ ڪونهي! شڪرانا اُن مالڪ جا جنهن مون کي سيکاريو ته هتان ٽپو ڏيئي پران تياڳيان ۽ پنهنجو روح بچايان!

اُداسي:- اءِ رسڪا! تون مون کي نه ٿي سڃاڻين؛ ياد رک ته مان سپاويڪ اهڙو نه آهيان جهڙو توکي ڏسڻ ۾ آيو آهيان، سخت، سوارٿي ۽ نرديو! استريءَ مون کي نرديو ٿيڻ سيکاريو! ٻڌ رسڪا! هڪ استريءَ لاءِ مون ڇا نه ڪيو؟ سندس ڪئن نه مون رکيا ڪئي! سندس ملڪيت مون ظالمن جي هٿن مان ڇنائي کيس ڏني؛ ۽ مون کي اُجورو ڪهڙو ڏنائين؟ ٿورن مهنن جي مسافريءَ تان موٽيس ته ڏٺم ته مون کي وساري هڪ معمولي ماڻهوءَ سان وڃي شادي ڪيائين! سندس لاءِ مون کي حد پيار هو. هن منهنجو پيار لتاڙيو! مون چيو ته ”مان وير وٺندس.“ اُن ڏينهن کان وٺي خارن ۾ مان اُداسي ٿيس؛ هن وقت مان وڏو مهنت آهيان. هي قلعو مون ٺهرايو آهه؛ هن وڏي ٽڪاڻي جو مان مالڪ آهيان. منهنجي دل ۾ وير وروڌ جا ويچار ۽ منهنجو من پيو پٽڪي! سونهن واري استري ڏسان ته من ڏاڍو اُٿي- منهنجا پاڻ چت کي شانت ڏين ڪين؛ منهنجو ٽڪاڻو ته آهه پاپ ۾ وڪاڻو!“

ائين چئي هي مهنت اُداسي اچي ٿو روئڻ ۾ چٽڪي؛ ۽ پوءِ يڪدم ڪوني ڇڏي هليو وڃي ٿو.

رسڪا:- تڏهن مان توتي اعتبار رکڻ جو تجربو ڪريان ٿي- ڏسان!

(ائين چئي رسڪا دريءَ تان هيٺ لهي ٿي)

هِت مان بهان ٿي- تون اُت بهہ- نہ اڳتي اچ! جي هڪ قدم بہ وڌيڪ منهنجي نزديڪ ايندين، اَءِ اُداسي! تہ ڏسندين تہ رسڪا تيار آهہ پنهنجو روح پريوءَ کي ارپڻ ڪري تپو ڏيڻ واسطي ۽ پنهنجا پراڻ تياڳہ ڪرڻ واسطي-

*

جڏهن رسڪا اِهي اکر چيا تڏهن سندس ڪمل مکڙي جي سونهن اڳئين کان بہ وڌيڪ چمڪڻ لڳي- ڪيس موت جو ڊپ نہ هو- پاڻ هي ويچار تہ موت بهتر آهہ تنهنکان جو پاپ ۾ روح رنگجي، اِهو ويچار رسڪا کي همٿ ۾ ڪٽي بيهي ٿو ۽ سندس منهن ۾ وڌيڪ لعلاڻ پيئي اچي ۽ سندس اکين ۾ وڌيڪ چمڪو، وڌيڪ آتش!- اُداسي جڏهن ڪيس پيو ڏسي تڏهن پِيو پاڻ کي چوي تہ ''اهڙي سونهن تہ مون اڳي ڏٺي ڪانہ، جنهن ۾ ايڏي همٿ ۽ بهادري ۽ هيترو صبر ۽ صدق''-

اُداسي:- رسڪا! اچ تہ پاڻ ۾ صلح ڪريون!

رسڪا:- صلح جي تون چاهين تہ صلح ڪر؛ پر اسان ٻنهي جي وچ ۾ هيترو پنڌ ضرور رکہ- اڳتي قدم نہ کڻ!

اُداسي:- اڳتي مون کان ڊپ نہ ڪر!

رسڪا:- اَءِ شيطان! اڃان تون آهين وڪارن ۾ غلطان! اَءِ پاپ جا پتلا! تون حڪ ابلا کي ڏتارڻ تو چاهين! اَءِ دشت دُراچاري! تون تہ پاپين جو سردار آهين! پاڪنبه تنهنجا سڳڻ سات! تنهنجا تلڪ، تنهنجا پاٺ! تنهنجو نڪاٽو آهہ شيطان در وڪاٽو! نہ لوڪن کي جريت آهہ جو ڏين توکي منهن تي ميار! پر پاپي! هچارا! توسان يڌ ڪرڻ لاءِ آهيان آنءُ تيار! مبارڪا! صدبار مبارڪ، جي سر وڃي! ”ڌرت پريئي پر ڌرم نہ ڇوڙيئي!“

مهنت:- (رسڪا تي اُلڙ ڪري اچي ٿو- مٿس زوريءَ حملو ڪرڻ تي آهہ تہ بِگل وڄي ٿو- مهنت ٻڌي ٿو ۽ چوي ٿو) رسڪا! تنهنجون اکيون گل انار! تنهنجي سونهن آهہ اپار! تنهنجو روُپ روشن! ڪشمير جو تون گلزار گلشن! پر خبر ناهہ توکي تہ مان ڪهڙي چيز آهيان! ۽ ڪيڏيءَ اوُتهيءَ اُڪير سان توکي مڃائيندس! سموري پنهنجي طاقت توتي هلائيندس! رسڪا! رسڪا! رہ تون خبردار! رکہ ياد آهيان مان زوردار!

(هنئر رسڪا تي زوريءَ حملو ڪرڻ تي آهہ تہ وري بگل وڄي ٿو- مهنت ٻڌي ٿو ۽ چوي ٿو:)

رسڪا! پنهنجي طاقت توکي جيڪر هينئر ئي ڏيکاريان؛ پر هي بگل پيو وڄي! بگل جي پڪار مونکي يڪدم ڪوني ٿي- ڪا خوفناڪ ڳالهہ ٿي آهہ نہ تہ بگل نہ

*

(۴)

اُداسي مهنت ننتيا کي آرام ڪونهي. رات سندس ننڊ وري وري ڦٽي ٿي. سندس اکين اڳيان رسڪا جي تصوير اچي بيهي ٿي. ننڊ ۾ پيو پڪاري:- ”رسڪا! اء ڪشمير جي چمن جي چمڪيندڙ چمبيلي!“- سويل صبوح جو رسڪا جي ڪوٺيءَ جو دروازو کولي اندر اچي ٿو:-

مهنت:- رسڪا! رسڪا! تو بن ڪئن جيئان! رسڪا! رات جو نہ آيو ڪو آرام؛ تنهنجي چرنن ۾ ئي آهہ منهنجو وشرام! رسڪا! منهنجي ٿيءُ! ڇڙڪ نہ مار! منهنجي ٿيءَ، پر پنهنجي مرضيءَ سان! ۽ پنهنجن شرطن تي! منهنجون اُميدون تون ونڊ! جواب ڏيڻ کان اڳي مون کي تون ٻڌ! نہ ڪرين تنهن کان اڳي سوچ ويچار ڪر! اُداسين منڊليءَ ۾ مان پرسڌ آهيان؛ وڏو مهنت آهيان، مهنت ۽ مالڪ! باغ ۽ ڪوہ اٿم- جايون ۽ بنگلا، ڪوٽ ۽ قلعا- ڌن جي ڪمي ڪانہ اٿم! پر تو بن سڀ ڌن دولت پانيان ڪُوڙ، ماڻ وڏائي سڀ ڌُوڙ! منهنجو سکہ تو ۾ آهہ! توکي سکي رکندس. تنهنجي خدمت ۾ روز رهندس. منهنجي دل جي تخت تي تون آهين! تون ئي منهنجي من جو بار لاهين! اِڪ تنهنجي ئي ڌيان ۾ رهان روز مشغول! ڇڙڪ نہ مار! پر ڪر مون کي قبول!

منا! سونهن وارا! مون کي هاڻ مار!
اِڪ وار نوُري نذر کي نهار!
اهو گيت رسڪا ٿي دفعا درد ڀريل آواز ۾ ڳائي
ٿي، پنهنجي پياري پتا لاءِ پرارٿنا ڪري ٿي، پنهنجي
آتما پريوءَ جي چرنن ۾ ارپن ڪري ٿي، پوءِ چوي ٿي:-

اچان ٿي! اچان ٿي!
تنهنجي پيار، پيارا!
سڄڻ سوُنهن وارا!
نچان ٿي! نچان ٿي!
پِي موت پيالو
مهر ۾ نرالو
ڏيئي پنهنجو ساه
ته پاپن جي راه
ڪان ئي پچان ٿي! پچان ٿي!
رکِي ڪُل جو شان
هن دشت شيطان
سان مان پچان ٿي! پچان ٿي!
اچان ٿي! اچان ٿي!
تنهنجي پيار، پيارا!
سڄڻ سونهن وارا
نچان ٿي! نچان ٿي!

وڃي! بگل جو آواز وڃي ٿو وڌندو- مون کي هيٺ يڪدم وڃڻو آهہ- ڏسان! ڇا ٿيو آهہ؟ رسڪا! وڃان ٿو! پر جلدي موٽي اچان ٿو! اچي توکي پائيندس گلي ۾ هار! اَءِ موري پراڻن جا آڌار!‘‘

(مهنت تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي وڃي ٿو- رسڪا روئي ٿي- روئي روئي پريوءَ کي پڪاري ٿي:-

رسڪا:-

مون کي موت ڏي تون! سڄڻ سونهن وارا!
ارپيا اَٿم پراڻ توکي ئي پراڻن کان پيارا!
منجهان هن شيطاني پاپ جي اَڏي
منهنجي دل وياڪل تہ توکي سڏي!
رکي دروپديءَ جي پريو! تو تہ لاج!
اچي اَءِ منا ڏي! مون کي موت آج!
مرڻ کان سڄڻ ڪين مان ٿي ڊڄان،
اٿم انتظاري تہ پاپ کان بچان!
ڏيئي موت تو پياري پدمڻي بچائي
ڏيئي موت، سقل ڪر تون منهنجي سچائي!
اچان آنءُ تو وٽ جئن تنهنجو ڪنول گل
سچو سونهن وارو، سدا صاف نرمل!
ڏيئي موت مونکي، جوت ۾ جيئار
پري پاپ کان مون پنهنجو پيار تون پيئار!

رڪمڻي

(۱)

هڪ نگرواسي:- هن اسان جي پياري نگر نِيلور جو نظارو ڪهڙو نہ سندر آهہ! پهاڙن تي عجب اسرار پيو وسي! آسمان جا تارا پراچين پوترتا سان اسان ڏي پيا نهارين! آسمان سندر! نديون ۽ پهاڙ سندر! اَسان جو ملڪ نِيلور پيارو، آزاد آهہ- آزاديءَ ۾ سچي سونهن آهہ!

ٻيو نگرواسي:- بيشڪ! پر ڀارت جو ڪيترو ڀاڱو غلاميءَ جي زنجيرن ۾ آهہ- دهليءَ جي تخت تي هن وقت علائدين غلجي آهہ.

ٽيون نگرواسي:- پري ڪان، پري ڪان، اَچي اُنهن هندستان پياري تي قبضو ڪيو آهہ- ۽ هي علائدين تہ هڪ ظالم بادشاه آهہ.

ٻيو نگرواسي:- ڪئن؟

ٽيون:- خبر ڪين اَٿيئي تہ تازو اِهو بادشاه وڏو لشڪر وني نيلور تي ڪاهي آيو؟

ٻيو نگرواسي:- پوءِ؟

ٽيون:- نيلور تي تہ ديويءَ جي آسيس آهہ-

شيام سندر جي مورت ڏي نهاري ٿي! وري گيت ڳائي ٿي:

”اچان ٿي! اچان ٿي!
... ...“

گيت ڳائي ڳائي، مورت ڏي نهاري، رسڪا زمين تي مورڇا ٿي ڪري پوي ٿي!

ٿوري وقت ۾ مهنت ٿپ ٿپ ڪندو ماڙيءَ مٿي اچي ٿو! ڪوٺيءَ جو دروازو کولي اندر اچي ٿو- ڇا ٿو ڏسي؟

مهنت:- رسڪا! رسڪا! اُٿ جاڳ! تنهنجو داس بيٺو تنهنجي اڳيان پائي دل ۾ پياس!

*

رسڪا اُٿي نہ ٿي؛ ڪُڇي نہ ٿي! ڇُري نہ ٿي! پُري نہ ٿي! رسڪا تہ پنهنجا پراڻ شيام جي چرنن ۾ تياڳي آهہ پرم ڌام پڌاري! رسڪا سياڳي! سنتن جي پياري!

اَءِ مهنت! تنهنجي منهن ۾ هٽن ٿا لعنت ديوتائون. اَءِ مهنت تو هارايو! رسڪا! سياڳي سچي سونهن واري رسڪا! تو کٽيو! تنهنجي مؤت شيام سندر کي ساراهيو! تو کٽيو! پرم ڌام تو جهٽيو!

آهہ- ويچاري رڪمڻي ڏينهن رات چنتا ۾- چا ڪجي؟ ڪئن راڻي ڀوپال سنگهہ کي آزاد ڪجي؟

(٢)

راڻو ڀوپال سنگهہ قيدي ٿيو آهہ- اُن کان پوء نيلور جي حڪومت سندس نالي ۾ سندس ڀاءُ راڻو وير سنگهہ هلائي ٿو.

رڪمڻي (محلات ۾- پنهنجي چاچي راڻي وير سنگهہ کي ڏسي ٿي- وٽس اَچي ٿي- ڪيس ڏسي سپيئي سانت ۾ رهن ٿا- چاچي کي ڏسي روئي ٿي)

راڻو وير سنگهہ:- رڪمڻي! روءُ نہ! اَسان جي بهادر قوم جي تون ڇوڪري آهين- بهادر ٿي!

رڪمڻي:- دادا! مان ٻڌان ٿي تہ پوڄيہ پتا علائدين وٽ قيدي آهہ، منهنجي ڪري! مان ٻڌان ٿي تہ اُهو ظالم بادشاہ چوي ٿو تہ ڀوپال سنگهہ کي مان آزاد ڪندس جي قيمت ملي؛ ء قيمت هي ٿو گهري تہ مان هن ظالم وٽ رهڻ قبوليان- ائين آهي چا؟

راڻو وير سنگهہ:- (ڪنڌ ڌوڻي ٿو- ڏاڙهي چنبي ٿو. خيال ڪري ٿو تہ شايد هيءَ سمجهو ڇوڪري رڪمڻي راڻي ڀوپال سنگہ کي ڪا تجويز ڪري قيد مان ڪڍائي!)

رڪمڻي:- جي اِها قيمت گهري ٿو تہ مان ڏيڻ لاءِ

پهاڙن تي نيلور جا وير سورما اچان واسو ڪن ٿا. اڄان اسان جي رکيا ڪن ٿا- نيلور کي هن بادشاهہ وڏي لشڪر هوندي بہ پڪڙي نہ سگهيو!

ٻيو:- نيلور تہ بهادر آهہ- اِتهاس ۾ نيلور اَمر رهندو- هن ملڪ جهڙا ڪتري ٻيا ڪٿي؟

پهريون:- پوءِ جڏهن علائدين ڏٺو تہ نيلور نہ تو وڻي سگهان، ڇو تہ ماڻهو بهادر آهن، تڏهن هي بادشاهہ لڇائيءَ لاءِ سنيريو! ڪتريءَ ۾ آهہ سچائي؛ هن بادشاهہ کي تہ آهہ لڇائي-

ٻيو:- ڇا ڪيائين؟

پهريون:- ڏاڍي ڪوشش ڪيائين! اَسان جي پياري، سونهن واري، رڪمڻيءَ بابت ڪيتروئي ٻڌو هئائين. رڪمڻيءَ جي سونهن ڏسڻ لاءِ ڏاڍا حيلا هلايائين. نيلور تي ڪاهي بہ اِن ڪري آيو تہ رڪمڻي هٿ ڪريان! پر رڪمڻي سونهن واري تہ اِڪ ديوِي آهہ- هن ظالم بادشاهہ بابت ٻڌي يڪدم پردو پهريائين. بادشاهہ ويچارو ڪڪو وکو ٿيو- رڪمڻيءَ جو ڪمل مکڙو ڏسي نہ سگهيو- پوءِ چالاڪي ڪيائين!

ٻيو:- ڪهڙي؟

پهريون:- رڪمڻيءَ جو پتا، راڻو پوپال سنگهہ! اُن کي لالچائي مسلمانن جي تنبوءَ ۾ ڇڪيائين ۽ اُت آڻي کيس قابو ڪيائين- هينئر وٽس راڻو پوپال سنگهہ قيدي

اَءِ سچا کتري! هي خنجر ڏسوا پوجيہ پتا آزاد تئي ءِ سلامت نيلور ۾ پهچي تہ پوءِ يڪدم هي خنجر ڇاتيءَ ۾ هٽنديس ءِ هن ظالم جي ملاقات مردي سان ئي ٿيندي!

*

رڪمڻيءَ جي اکرن ۾ سچائي ءِ ويرتا آهہ- اَهڙن اکرن ۾ هميشه هڪ جادوءَ جي شڪتي تئي ٿي- رڪمڻي جا اکر ٻڌي هي سردار شرم ۾ سر جهڪائين ٿا- سردار هينئر سمجهن ٿا تہ رڪمڻيءَ کي هنن غلط سمجهيو هو- رڪمڻيءَ کي تہ ڪوبہ خيال نہ هو تہ هو پراچين پوترتا جي آدرش کي ڇڏي- رڪمڻيءَ پنهنجي ڪُل جي عزت کي موت کان بہ مٿي رکيو- بهتر موت تنهن کان جو پوترتا جو آدرش ڇڏي! سردارن کي رڪمڻيءَ جو فخر تئي ٿو-

راٺو وير سنگهہ:- رڪمڻيءَ جي اکرن ۾ ڪيڏي نہ همت آهہ ءِ ڪيڏو نہ سندر ويچارا پر، اَءِ سردارو! هن وقت راڻي يوُپال سنگهہ جي نالي ۾ حڪومت مان ويٺو هلايان، ءِ مان رڪمڻيءَ جي حياتي اِئين قربان ٿيڻ ڪين ڏينديس- جيستائين اَسان جي قوم ۾ بهادر مرد آهن جن جا هٿ تلوار تکي هلائي سگهن اوستائين مان هڪ بہ ڇوڪريءَ يا عورت کي موکل نہ ڏينديس تہ اِئين وچي پنهنجو سر ڏئي!

تيار آهيان جي فقط پوج پتا قيد مان، ظالم جي جنبي مان، ڇڏي!

(محلات جا سردار اِها ڳالھہ پسند نہ ٿا ڪن- پاڻ ۾ سُر پر ڪن ٿا- نيٺ اُنهن مان هڪ چويٿو:-)

هڪ سردار:- ائين ڪئن ٿيندو؟ رڪمڻي هن ظالم جي هٿن ۾ رهي ۽ پرشٽ ٿئي، تنهن ۾ اسان جي بهادر قوم جي سخت بي عزتي آهہ- اُن کان تہ بهتر آهہ تہ اسان جو پيارو راٺو ڀوپال سنگهہ قيد ۾ ئي مري وڃي- ظالم جا سندر رڪمڻيءَ جي قيمت گهري ٿو سا ڏيڻ تہ ناشدني آهہ! ڇا؟ اسين مرد نامرد ٿيا آهيون ڇا جو هن ڇوڪريءَ رڪمڻيءَ کي ظالم جي هٿن ۾ اُڇلايون؟ تنهنکان تہ بهتر آهہ تہ اسان مان هڪ هڪ مرد ظالم کي منهن ڏئي، يڌ ڪري، ۽ جنگ جي ميدان ۾ مري وڃي!

رڪمڻي:- (سردارن جي شوخ منهن ڏي پنهنجي سنهري پردي منجهان نهاري ٿي؛ پوءِ مشڪي چوي ٿي:-) اَءِ بهادر سردارو! اَوهين همت نہ هاريو! مبارڪ اَوهان کي! مون ڇيو تہ رڪمڻي قيمت ڏيندي، نہ ڪا بي عزتي سهندي! ڌرت پريئي، ڌرم نہ ڇوڙيئي! رڪمڻي پراڻ تياڳيندي، پر پوترتا نہ ڇڏيندي! اَءِ سردارو! ڏسو!

(اِيئن چئي پنهنجي رئي هيٺان لڪل هيرن سان مڙهيل خنجر ٻاهر ڪڍي ٿي.)

تي) ڪنول! ڏپ نہ ڪر! چئہ جيڪي چوڻو اٿيئي!

ڪنول:- اَءِ سردارو! هن دهليءَ جي دغاباز بادشاه،

علاوالدين کي هي نياپو موڪليو تہ:- راڻي پوُپال سنگهہ کي قيد مان ڇڏائڻ لاءِ رڪمڻي اوهان وٽ اَچڻ لاءِ تيار آهي- پر رڪمڻي پنهنجي شان سان ايندي- پنهنجين سهيلين ۽ خذمتگارن سميت ايندي- مڙيئي ۷ سؤ ٿينديون- ۽ هڪ هڪ ڏوليءَ ۾ چڙهندي ۽ هڪ هڪ پالڪيءَ کي ٦ ماڻهو کڻندا!''

سردار هينئر ڪنول جي آس پاس گهيرو ڪن ٿا ۽ چون ٿا:- ''واه! واه! چئہ! چئہ!''

ڪنول:- وڌيڪ هن دغاباز بادشاه کي نياپي ۾ هي چئو تہ ''بادشاه! اوهين حڪم ڪڍو تہ ڪوبہ ڏولين، پالڪين ۾ نہ نهاري- استرين جي عزت ۾ ڪوبہ هٿ نہ وجهي!''- پر اوهين سچ پچ ڇا ڪريو؟ رڪمڻيءَ ۽ سندس سهيلين ۽ نوڪرياڻين بدران هڪ هڪ ڏوليءَ، پالڪيءَ ۾ بهادر کتري وهاريو ۽ هڪ هڪ ڏوليءَ کي جي ٦ ماڻهو کڻن سي بہ کتري- پر ڏسڻ ۾ اَچن غريب نوڪر- هڪ هڪ کي لڪل تلوار هجي!''

راڻو وير سنگهہ:- واه! واه! ڪنول سياڻو آهہ-

اِهي اکر ٻڌي سردارن چيو:- ”واه! واه!“ وري
وري رڪمڻي پيئي چوي تہ ”منهنجي ڳالهہ مڃو! مون
کي موڪل ڏيو تہ پوڄيہ راڻي کي قيد مان ڇڏايان؛ پوءِ سر
وڃي تہمبارڪ!“- پر رڪمڻيءَ جي ڳالهہ تہ ڪير بہ نٿو
مڃي! سڀ پيا چون:- ”هي ڪم اَسان مردن جو آهہ-
اَسان جي ويني رڪمڻي پنهنجو سر سهسائي، سو ناشدني
آهہ!“

رڪمڻيءَ جو ياءُ هينئر ڳالهائي ٿو- اُن جو نالو آهہ
ڪنول- عمر ۾ ننڍو آهہ- پر راڻي پوپال سنگهہ جي بهادري
کيس آهہ ۽ اُن سان گڏ راڻي وير سنگهہ جي سياڻپ- ڪنول
جي دماغ ۾ ويچار پي آيا ويا- ڇا ڪجي؟ هينئر ڪنول
جون اکيون چمڪن ٿيون ۽ پنهنجي چاچي وير سنگهہ ڏي
نهاري چوي ٿو:-

ڪنول:- مان ڪجهہ چوندس- مون کي ٻُڌو، ضرور
ٻڌو!

رڪمڻي ڪنڌ مٿي ڪڍي ٿي، ڪلي ٿي ۽ ڪنول کي
همٿائي ٿي- راڻو وير سنگهہ ۽ سردار، ڪنول ڏي عجب ۾
نهارن ٿا-

راڻو وير سنگهہ:- ڇئُ! منهنجا پٽ! توکي ڇا چوڻو
آهہ؟

رڪمڻي:- (پنهنجو هٿ ڪنول جي ٻانهن تي رکي

مڪڙي تان گهوڙها پيا ڳرن!

سچي سونهن واري آهي رڪمڻي
بهادر ڪترين جي قوم جي مڻي

*

(٣)

اٽڪل ۴ بجا لڳا آهن- علاوالدين بادشاه جي تنبوءَ وٽ هڪ ڪتري بهادر آيو آهي- چوي ٿو تہ:- ”هندستان جي بادشاه کي ملڻ ٿو چاهيان هينئر ضرور!“

تنبوءَ اندر بادشاه آرام ۾ ليٽيو پيو آهي- سندس حاضريءَ ۾ هڪ ڳُڪو چرچائي ٻيٺو آهي- اُن جو نالو خدا بخش-

ڪترِي بهادر جو نياپو دربان اندر پهچائي ٿو- پوءِ موٽي ٿو ۽ ڪتريءَ کي اندر موڪلي ٿو- ڪتري بادشاه سان ملاقات ڪري ٿو ۽ پيغام پهچائي ٿو- بادشاه ٻڌي ٿو- خوش ٿئي ٿو- بستري جي ريشمي وهاڻن مان هيٺ لهي ٿو؛ زمين تي ايراني غاليچا آهن- تن تي هينئر اچ وچ ڪري ٿو؛ پنهنجِي خوشي جهلي نہ ٿو سگهي! ڪتريءَ کي چئي ٿو:-

بادشاه:- اَءِ ڪتري بهادر! وڃِي چئہ راڻي کي تہ سندس پيغام پهتو- سندس وينتي مون کي قبول آهي! ۽ مان اهڙيءَ طرح حڪم ڪندس تہ رڪمڻيءَ ۽ سندس

رڪمڻيءَ جي وچڻ ڪان تہ بهتر هي آهہ تہ سورما ڪتري
اوهين وڃي هن دغاباز بادشاه جو نڪ پٽيو!“

سردارن ۾ ڪل جو ٺهڪرو مچي ويو ۽ چون ٿا:-
”واه! واه! دغاباز جو نڪ پٽيو!“

پر رڪمڻي دلگير آهہ- وري وري پيئي ڪنول ڏي
نهاري- رڪمڻي نہ ٿي چاهي تہ ڪا ايڏي ماراماري ٿئي! نہ ٿي
چاهي تہ ايترا ڪتري مرن! رڪمڻي چاهي ٿي تہ ”منهنجي
هڪ قرباني قبول پوي ۽ ويچارن ٻين ڪيترن کي مرڻو نہ پوي!“
پر رڪمڻيءَ جي ڳالهہ ڪوئي نہ ٿو قبولي-

راٺو وير سنگهہ:- رڪمڻي! ڪترين جي
ڳالهہ ۾ تون نہ ٿيءُ پئہ! وڃ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾- اڄ شام
تائين پيارو راٺو ڀوپال سنگهہ تو وٽ موٽي ايندو، پوءِ ڪري
مون کي موت اچي تہ مبارڪ! مان قسم کڻان ٿو! اهو ڪم
ڪئن بہ پورو ڪندس!

هينئر هڪ هڪ سردار رڪمڻيءَ اَڳيان سر جهڪائي
ٿو ۽ موڪل وٺي ٿو- سڀئي موت کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار
ٿين ٿا- چون ٿا:- ”مري وڃون تہ مري وڃون- پر پنهنجي
پياري راڻي کي ڪئن بہ قيد مان ڇڏائينداسين!“

ويچاري رڪمڻي اڪيلي ويٺي آهہ- اهو ويچار ته
هيترا ڪتري قتل ٿي ويندا رڪمڻيءَ کي غمگين ڪري ٿو
رڪمڻيءَ جو سڄو بدن پيو ڏُڪي. سندس سندر ڪمل.

گگو:- (وري بادشاه ڏي نهاري ٿو ۽ لڪائي ڪلي ٿو) سائين! سلطان! مون کي ته ڳالھ نه ٿي وڻي! سائين! خبردار رهجو! مان ته سمجهان ٿو ته ڪا حرڪت آهي-

بادشاه:- اَءِ گگي گگا! تنهنجا هوش ڪٿ آهي لڪو؟ اَءِ گُگا! اهو گُهٽيل آواز بند ڪر! هي وقت نه آهي جو تون چرين وانگر چوين! هن وقت هيٺ هليو وڃ!''

گگو وڃي ٿو- بادشاه هينئر اَڪيلو آهه- پاڻ سان، خيال ۾ مگهو، ۽ وري پيو چوي:- ''گلشن روشن رڪمڻي!''

*

(۴)

نماشام جو وقت آهه- بادشاه پنهنجي تنبوءَ جي اڳيان بيٺو آهه- ڏسي ٿو ته پالڪيون پيون اچن! بادشاه جي دل ۾ پياس ۽ اُڻ تڻ!- ڏولين جو اڳوان آهه راٺو وير سنگهه- ۽ بادشاهه راٺي وير سنگهه جي پنيان هڪ شاندار پالڪِي ڏسي ٿو ۽ سمجهي ٿو ته اها رڪمڻيءَ جي آهه- ڏوليءَ تي ڪيمخابي چادرون آهن؛ سونو سج پيو مٿس چمڪي! ۽ چادرن تي نيلور جو ڪنري جهنڊو آهي- آهستي آهستي ڏوليون پيون اچن- هڪ هڪ کي ٦ مضبوط ماڻهو پيا کڻن- مضبوط، پر پگهر پيو ڳرين- مٿن بار ڏاڍو آهه!

جڏهن راٺو وير سنگهه بادشاه جي نزديڪ اچي ٿو تڏهن

سهيلين ۽ نوڪرياڻين ۽ پالڪين جي ڪَٽندڙن کي ڪوبہ هٿ نہ لائي؛ نہ ڪو روڪ ڪري- جيڪي بہ رڪمڻيءَ سان گڏ ڪيس دهليءِ تائين ڇڏڻ لاءِ اچن تن سڀن جي مرحبا ڪئي ويندي، ۽ جيڪي وري نيلور موٽڻ چاهين تن کي سلامت نيلور موٽايو ويندو- ڪابہ دست اندازي ڪانہ ڪئي ويندي!''

*

ڪتري موڪل وٺي سر جهڪائي وڃي ٿو- بادشاه وري وري پيو غاليچي تي اچ وڃ ڪري- ٻُوڙهي خيال ۾ آهي- پر ڪڏهن ڪڏهن پيو چوي ''رڪمڻي! روشن گلشن رڪمڻي!''

خدا بخش، گُڪو چرچائي، بادشاه کي پيو ليٽا پائي، پيو چڱيءَ طرح چتائي نهاري؛ لڪائي پيو کلي!

خدا بخش:- ''سائين سلطان! شاهن جا شاهہ! هن ڪتريءَ جي اچڻ ۾ مان ڪا حرڪت ڏسان ٿو- ڇا؟ هڪ رڪمڻيءَ سان گڏ ست سؤ ساهيڙيون مان تہ سمجهي نہ ٿو سگهان!'' (گُڪو کند ڌوڻي ٿو!)

بادشاه:- (مشڪي ٿو)- گُڪا! تون نہ ٿو سمجهين! تو تہ ڪڏهن عشق ناه ڪمايو! رڪمڻي پاڻ سان ٧٠٠ سهيليون وٺي اچي ٿي فقط مون کي خوش ڪرڻ واسطي! منهنجي لاءِ رڪمڻيءَ کي ڏاڍو پيار آهي!

خيال اٿس تہ ڪونہ ڪو بهانو ڪري انجام مان پاڻ کي
ڇڏائيندس- هي بادشاه تہ دغاباز آهہ- ڪيترن بادشاهن
وانگر سندس آدرش آهہ تہ ”زور زبردستي آهہ اُتم راڄ
نيتيِ!“- بادشاه سمجهي ٿو تہ هينئر تہ گلشن روشن
رڪمڻي منهنجي قبضي ۾ آهہ، پوءِ ڪهڙي پرواه؟ سندس
دل اندر دغا وڌي ٿي- سندس خيال آهہ تہ رڪمڻي تہ
مونکي ملي آهہ؛ هاڻ تہ پاڻ نيلور قابو ڪريان ۽ سين
ڪترين کي تلوار سان قتل ڪرايان!

راڻو وير سنگهہ:- (بادشاه ڏي نهاري) سلطان شاه!
هندستان جا شهنشاه! گلشن روشن رڪمڻي هڪ مهرباني
گهري ٿي تہ اوهين کيس موڪل ڏيو تہ هڪ دفعو هوءَ
پنهنجي پياري پتا راڻي پوپال سنگهہ کي هن پالڪيءَ ۾
ملي ۽ پوءِ اچي اوهان سان هميشه رهي!“

بادشاه پنهنجي سڱنڊ واري ڏاڙهيِ چنبي ٿو، ۽
راڻي وير سنگهہ ڏي نهاري ٿو- راڻو بادشاه کي نهاري ٿو؛
اندر انتظاري اٿس. خبر نہ آهہ تہ بادشاه جواب ڪهڙو
ڏئي؟ بادشاه ڦرين هبڪي ٿو ۽ اُن وقت سندس اندر ٿورو
شڪ اچي ٿو؛ پر اُهو شڪ دور ٿئي ٿو جڏهن وري پنهنجي
لشڪر کي ڏسي ٿو. لشڪر وڏو آهہ؛ لشڪر جا سپاهي هڪ
هڪ ڏوليءَ کي پيا نهارين، پيا پاڻ ۾ سرپر ڪن! هڪ هڪ
ڏوليءَ جي ٻاهران نوڪر آهن جن ڏوليون ڪنيون- نوڪرن
جا ڪپڙا ميرا؛ ۽ سندن منهن مان پگهر پيو نڪري.

ڏسي ٿو تہ بادشاه سردارن جي وچ ۾ آهہ ۽ بادشاه جي ٿنهي پاسن کان سندس لشڪر آهہ- راٺو وير سنگهہ گهوڙي تان هيٺ لهي ٿو- گهوڙي جو لغام پنهنجي ڪلهي تي رکي ٿو- بادشاه ڏي هلي ٿو- ۽ شاندار پالڪي، رڪمڻيءَ واري، هينئر آهستي آهستي هيٺ پٽ تي رکن ٿا-

راٺو وير سنگهہ:- (بادشاه کي ٻاهرينءَ نئڙت ۾) سلطان شاه! هندستان جا شهنشاه! ديوتائون اسان تي ڪوپ آهن! اسان جي برخلاف وڙهن ٿا! بيحد اسان لئہ شرم آهہ هن ۾ تہ اسين پنهنجي پياري ڪنيا رڪمڻي، روشن گلشن رڪمڻي، سونهن واري رڪمڻي، ڪلونتي، ڌنونتي، سُونهن واري، ويرن سورمن جو اولاد، ڪتري ڪل جي رڪمڻي، هينئر اوهان کي ڏيون ٿا، پر هن شرط تي تہ اوهين اسان جي پياري راٺي يوپال سنگهہ کي يڪدم آزاد ڪندا ۽ ٢۴ ڪلاڪن ۾ اسان جي نيلور جي آس پاس جو اوهان جو لشڪر آهہ سو موٽائي پاڻ وٽ گهرائيندا- سلطان شاه! هندستان جا شهنشاه! اوهين پنهنجو شاهاڻو انجام پاريندا نہ؟''

بادشاه:- (گنڀير آواز ۾) انجام پنهنجو پاڙينداسين ضرور ضرور!

*

افسوس! هن بادشاه کي هن وقت بہ دل ۾ دغا آهہ- انجام ڏنو اٿس، پر انجام پارڻ جو ڪيس ڪوبہ خيال نہ آهہ! راٺي يوپال سنگهہ کي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي-

*

عبدلاخان پالڪين ڪي نهاري ٿو جي هينئر سيپئي اچي ويبون آهن؛ هن ويچاري کي ڊپ تہ بادشاه کي ڪو جوکو نہ رسي! عبدلاخان آهہ لشڪر جو سپہ سالار؛ ۽ بادشاه جي سلامتيءَ جي جوابداري مٿس آهہ.

*

وقت وجي گذرندو. هينئر بادشاه کي رِيس ٿئي ٿي تہ رڪمڻي ايترو وقت تنبوءَ ۾ چو رهي آهہ ۽ چوي ٿو:- ”بس! راٺا وير سنگهہ! بس! رڪمڻيءَ کي چئو تہ هينئر وقت پورو ٿيو! رڪمڻي اچي مون کي ملي!“

راٺو وير سنگهہ تنبوءَ جي اندر وڃي ٿو. هينئر وقت آيو آهہ ڪم ڪرڻ واسطي! ڪهڙو ڪم؟ راٺو پنهنجون رڳون مضبوط ڪري ٿو، چاهي ٿو تہ ڪنهن کي شڪ نہ پوي. پر پالڪين جي نوڪرن جي پاڻ ۾ سر پر پيئي ٿئي! راٺو تنبوءَ وٽ اچي پهتو آهہ. هاڻ ڇا ٿو ڪري؟ پنهنجي ڪل تلوار ٻاهر ڪڍي ٿو، ۽ يڪدم تنبوءَ جي چوڪيدار جي ڇاتيءَ ۾ هڻي ٿو! ۽ اُنهيءَ وقت بلند آواز ۾ چوي ٿو:-

”مارو! مارو! رڪمڻي ڪِي جئہ!“-

سڄي تنبوءَ ۾ وڳوڙ ٿئي ٿو- واڪا! تلواريون ڪرن ٿيون! ڇهن پالڪين جا نوڪر جي تنبوءَ جي ٻاهر آهن سي هينئر يڪدم تنبوءَ اندر وڃن ٿا ۽ هٿيارن

بادشاهہ:- (راڻي وير سنگهہ کي) اوهان جي وينتي، راڻا صاحب! اسان کي قبول آهہ.

(عبدالخان کي) عبدالخان! هيءَ پالڪي کڻائي وڃ راڻي پوُپال سنگهہ جي تنبوءَ وٽ! ۽ چوڪيدار کي اسان جو حڪم ڏي تہ هيءَ پالڪي بيشڪ راڻي صاحب جي تنبوءَ اندر وڃي!

*

(۵)

هينئر حڪم موجب پالڪيءَ کي نوڪر وري کڻن تا ۽ راڻي وير سنگهہ جي پنيان هلن تا. راڻي پوُپال سنگهہ جو تنبو ڪو پري نہ هو. فقط ۱۲ وال! بادشاهہ ڏسي ٿو تہ راڻي پوُپال سنگهہ جي تنبوءَ جو پردو مٿي ٿيو آهہ ۽ رڪمڻيءَ جي پالڪي تنبوءَ اندر ويئي آهہ- ٿورن منٽن ۾ نوڪر تنبوءَ مان خالي پالڪيءَ سان ٻاهر نڪرن ٿا- ۽ تنبوءَ جي ٻاهر ويهن ٿا ۽ تنبوءَ جي چوڪيدارن سان گفتگو ڪن ٿا.

اَڌ ڪلاڪ گذري وڃي ٿو- بادشاهہ پيو اچي وڃي! سندس سردار پيا سر پر ڪن!

خدا بخش (گُڪو)- مون کي تہ نہ ٿو وڻي! نہ ٿو وڻي!

عبدالخان:- نہ ڪي مون کي!

گڪو:- ۷ سؤ پالڪيون؟ ڇو ايتريون؟

عبدالخان:- مان بہ پڇان پيو: ڇو ايتريون؟ شڪ پيو پوي!

تلواريون تکيون ڪٽي وڙهن ٿا- ڪتري تہ هينئر تلوارين سان مونن ٿا پنهنجي ملڪ ڏي! بادشاه جا ماڻهو تعداد ۾ بلڪل گهٽا آهن. ڪترين تي اُهي ماڻهو حملي پٺيان حملو ڪن ٿا- بهادر ڪتري وڃن مرندا، پر ٻيا وري ڏوڪي ڏوڪي وڃن پنهنجي ملڪ ڏي قدم ڪڻندا. بهادريءَ سان اِهي ڪتري پاڻ کي بچائين ٿا ۽ نيٺ اَچي پنهنجي ملڪ جي قلعلي نزديڪ ٻينا آهن- نماشام جو وقت آهہ، پر جنگہ جو گوڙ شور ڏاڍو آهہ! ٻئي طرف بهادريءَ سان لڙن ٿا- بادشاه ڪاوڙ ۾ پيو گجي! رڪمڻي تہ آهي ٺئي ڪان! انهن ڪترين چالاڪي ڪئي آهہ! مست ماڻهوءَ وانگر بادشاه وڙهي ٿو ۽ وڏي آواز سان پنهنجن ماڻهن کي جنگہ لاءِ همٿائي ٿو؛ چوي پيو:- ”دين ڪي فتح!“- ڪتري بهادر نيٺ اچي نيلور قلعي کي پهتا آهن ٥ هزار ڪتري هوا- تن مان هينئر ٥ سؤ مس مونيا آهن. رڪمڻي پنهنجي محل منجهان نهاري ٿي! خونريزي ڏسي ٿي، پنهنجو ڪمل مکڙو ٻنهي هٿن ۾ لڪائي ٿي ۽ درد ڀريل آواز ۾ چئي ٿي:-

”ديوي! اسان آهہ تہ توکي پڪاريو!
پر جو اسان کي آهہ تو وساريو؟“

*

(٦)

نيلور جي قلعي وٽ بہ جنگہ لڳي ٿي- خوب جڏ جوٽين ٿا ۽ جڏهن پچاڙيءَ جو ڪنّري اندر گهري ٿو تڏهن

پنوهارن سيمت ٻاهر نڪرن ٿا؛ ۽ پالڪين جا نوڪر تکڙ
۾ پردا لاهي تلوارون ڪڍن ٿا؛ ۽ اِهي ڪتري هاڻ بادشاه
جي ماڻهن کي تراريون هڻن ٿا.

راٺي ڀوپال سنگهہ پنهنجي ڪاوڙ گهڻو وقت بند
ڪئي آهہ؛ هاڻ ڪاوڙ ٻاهر ڇنڊي ٿو؛ وڏي رڙ ڪري ٿو ۽
پاڻ کي اُن گهوڙي تي اُڇلائي ٿو جو ڪيس راٺي وير سنگهہ
آڇيو آهي - اِن گهوڙي تي سوار ٿي سڌو بادشاه تي حملو
ڪري ٿو! پر عبدالخان، سپہ سالار، اڳيئي بندوبست ڪيو
آهہ، بادشاه جي رکيا لاءِ؛ هن اڳيئي چوڪيدار ڪنا ڪيا
آهن جي هيئنر بادشاه کي گهيري ويا آهن ۽ بهادريءَ سان
راٺي ڀوپال سنگهہ کي منهن ڏين ٿا. راٺو ڀوپال سنگهہ
پنهنجي تلوار جي هڪ ڌڪ سان هڪ چوڪيدار کي ٢ اڌ
ڪري ٿو ۽ ٻين ٻن کي پنهنجي گهوڙي جي پيرن هيٺان
لتاڙي ٿو. پر اُن ڪان پوءِ بادشاه جا ماڻهو خوب لڙن ٿا ۽
ڀوپال سنگهہ پٺتي هٽي ٿو! اٽڪل ٥ هزار ڪتري آهن،
بهادر، هوشيار بي ڊپا- راٺو ۽ ڪتري بادشاه جي ڪيترن
ماڻهن کي قتل ڪن ٿا ۽ ڪيترائي زخمي ٿين ٿا- بادشاه
جي تنبوءَ پرسان زخميلن ۽ قتيلن جو انت ئي ڪونهي..
رت جون نديون پيون وهن ۽ سڄ پيو لهي ۽ پيو نهاري!

بادشاه جا ماڻهو بہ بهادر آهن- مٿن حملو ٿيو
اوچتو- تنهنڪري گهڻو سنائون؛ ڪيترا مري ويا- پر جلدي

ويز سنگهہ، موت ڏيو“.

هينئر راڻو ڀوپال سنگهہ ڪنول کي چوي ٿو:-
”پيارا! وڃي پنهنجي چاچيءَ کي خبر ڏي! مان تہ هن وقت هن قلعي جا دروازا ڇڏي نٿو سگهان- هت اجان گهڻو ڪم اٿم!“

حملو قلعي تي تہ اڃان پيو هلي- تراريون ۽ تير اڃان پيا لڳن- بادشاه جا ماڻهو اڃان پيا ڪوشش ڪن تہ زوريءَ قلعي اندر گهڙون- قلعي جي دروازن تي تہ ڀير آهہ- پيا ڏُڏن- ۽ مُئلن ۽ ڦٽيلن جو تعداد وڃي ٿو وڌندو.

ڪنول سڌڪا ڀري ٿو- سندس ڦٽ تي پٽي آهہ- سوُر اٿس- پر يڪدم راڻي ڀوپال سنگهہ جو حڪم مڃي ٿو- ٽڪل ٽٽل آهہ- سندس بدن تي اڃان جنگي لوهي پوشاڪ آهہ- پر تہ بہ پٽرن تان پنڌ ڪري چاچيءَ وٽ وڃي ٿو- چاچيءَ کي ماءُ وانگر ڀائيندو هو. دل ۾ پيو چوي:- ”ڪيس ڇا چوان؟ ڪئن ٻڌايان؟ پر مون کي حڪم مڃڻو آهہ- ضرور!“- هينئر زناني محلات ۾ آهستي گهڙي ٿو. هڪ ڪونيءَ وٽ ٿورو وقت بيهي ٿو، پوءِ پاڻ کي سڌو ڪري ٿو؛ قداور آهي- هينئر دروازو کولي ٿو ۽ ٻنيي تي بيهي ٿو.

پري پري، پڇاڙيءَ ۾، ڏسي ٿو تہ دريءَ تي نماشام جو سج پيو چمڪي- اُت سندس چاچي آهہ؛ سوني، ڪرسيءَ ۾ ليٽي پيئي آهہ.

راٺو پوُپال سنگهہ چوي ٿو تہ:- ”وڏا دروازا بند ڪريو!“-
قلعي جا دروازا بند ڪن ٿا.

راٺو پوُپال سنگهہ قداور مڙس آهہ؛ مظبوط؛ ٻٽ ۾ پريل-
هينئر پئدل پيو اچي؛ ڇو تہ جنگہ ۾ سندس گهوڙو قتل ٿي ويو-
سندس ٻانهن ۾ ڦٽ آهي- ان ڦٽ کي ڪپڙي سان ٻڌو اٿس،
۽ مظبوط ڏندن سان اُن ڦٽ جي ڪپڙي کي سوگهو جهليو اٿس-
سندس لوهي پوشاڪ رت سان رنگيل آهہ؛ سندس اکين ۾ اجان
اُلا پيا ٻرن؛ سندس ٻانهن اجان هڪ تلوار کي جهلي بيٺي آهہ-
راٺو آس پاس نهاري ٿو؛ ڏکہ ٿو ٿئيس جڏهن ڏسي ٿو تہ جيڪي
بہ ڪتري ٻچا آهن تن سيني کي جڏ ۾ جوکو رسيو آهہ؛ ڪن جا
لڱہ ڪيل، ڪيرن تي رت- راٺي جون اکيون وڃي پون ٿيون
ڪنول تي! راٺو ڏسي ٿو تہ ڪنول جي مٿي ۾ بہ زخم آهہ-

راٺو پوپال سنگهہ:- ڪنول تنهنجو چاچو ڪٿي آهہ؟

ڪنول جي اکين ۾ پاڻي آهہ- سانت ۾ ٻاهرين
ميدان ڏي نهاري ٿو ۽ چوي ٿو:- ”پيارو چاچو هليو ويو!“-
راٺي پوپال سنگهہ جي دل ۾ جڻ تہ خنجر گهڙي وڃي ٿو-
ڪيترن ئي جي موت تي کيس ڏکہ آهہ؛ پر راٺي
وير سنگهہ جي موت جو ٻڌي شوڪ ۾ پيلو ٿي وڃي ٿو- راٺو
وير سنگهہ! هميشه مهربان! هميشه کل مکو! سدا سياٺو! راٺو
پوپال سنگهہ سوُر پيِ وڃي ٿو ۽ هينئر چوي ٿو:- ”منهنجي
ئي ٽڪڙ ۽ مغروريءَ ڪري هن منهنجي پياري ياءُ راٺي

كي تي؛ كنول كي پنهنجي گود ۾ وهاري تي؛ سندس سيني
۾ آهن اونها غم درد جا ڳوڙها! سوُر پي وجي تي - ٻاهران نہ تي
ڏيكاري - هينئر چوي تي:-

چاچي:- بس! منهنجا پٽ! بس! ۽ اُن موت جي
ميدان ۾ تو ڇا كيو؟

كنول: (سڏكا ڀري وجي ٿو) امين! مان تہ پياري
چاچي جي قدمن ۾، سندس نوكر تي كم كيو.

چاچي:- پٽ! تو چڱو كيو! راڻي جي قدمن ۾
هلي تو كتريءَ وانگر جنگہ جوتي - پٽ! آفرين توكي!

(هينئر سندس اكين ۾ پيار جو عجيب چمكو اچي تو
۽ چوي تي) كنول پيارا! پرلوك ۾ منهنجو پتي مون لاءِ ترسيو
وينو آهہ تہ پوءِ مان هت وڌيک كئن وهان؟ مون تي كاوڙ كين
كندو جي مان وٽس وڃڻ ۾ دير كريان؟

راڻي سوني كرسيءَ مان اُتي تي ۽ جئن اُتي تي
تئن سندس ساري آواز كري تي.

كنول جي اكين ۾ انتظاري آهہ ۽ ڊپ - كنول بہ
ٽپو ماري اُتي ٿو ۽ چاچيءَ كي روكڻ لاءِ سندس ٻانهن
تي پنهنجو هٿ ركي ٿو - راڻي كنول كي ڇينيي تي ۽
چوي تي:-

راڻي:- كنول! نہ روءِ! نہ سڏكا ڀر! نہ كو غم كر!
مان وڃي ٻاهہ ئي ٻاريان! سوُر تي نہ تو سگهي جڏهن ٻن

چاچي- (ڪنول کي ڏسي تي ۽ پڇي ٿي) ”ڪنول!
ٻڌاءِ تہ تنهنجي چاچي جنگہ ڪڏن جوٽي؟“
ڪنول ويچارو ٻجي ٿو- ”ڇا ڇوان؟ ڪڏن ڇوان؟“
مات ۾ رهي ٿو.
چاچي- (ڪنول ڏي نهاري ٿي- وري سوال ڪري
ٿي) ٻڌاءِ تہ تنهنجو چاچو هينئر ڪٿي آهہ؟
استرين کي ڪيترا دفعا اندروني خبر ملي ٿي-
هن راٺيءَ کي اندروني خبر آهي ڇا سندس پتيءَ جنگہ
ميدان ۾ سر ڏنو؟ يان ڪيس دل ۾ دکو آهہ ڇا؟
ڪنول ڇا ڇوي؟ سندس سر مان رت پيو وهي؛ سر
جهڪائي ٿو؛ نڙيءَ اندر ئي سڏڪن کي ڳهي وڃي ٿو؛
تڪڙو هلي يڪدم چاچيءَ جي چرنن ۾ ڪري پوي ٿو-
پوءِ ڇوي ٿو:-
ڪنول:- امي! چاچي تہ دشمنن کي ائين ڪپيو جئن
ڪڙمي گاه کي ڪپي- امي! هن وقت پيارو راٺو جنگہ ميدان
۾ سمهيو پيو آهہ- منيءَ ننڊ ۾ آهہ! ننڊ مان وري نہ اُٿندو!

*

چاچيءَ جي دل ۾ ڌڪ هو- ڪنول ڇيو جئن هن راٺيءَ
جي دل اڳيئي ڪيس پي ڇيو: ”راٺو تہ جنگہ ميدان ۾ منيءَ ننڊ
۾ آهہ!“- راٺي دکہ داٺڪ خبر ٻڌي ٿي پر آهي ڪتريءَ جي
استري؛ بهادري نٿي وڃائي- ڪنول جي مٿي تي پنهنجو هٿ

جيڪر بادشاه جو لشڪر قلعو قابو ڪري ها؛ ڇو تہ لشڪر
وڏو آهہ- انهيءَ رت سان رنگيل ميدان مٿان چنڊ پيو
چمڪي- رڪمڻي ويچاريءَ جون اکيون ٽڪل آهن؛ ننڊ
ڪئي ڪانہ اٿس؛ دريءَ منجهان ويٺي نهاري! سندس دل
۾ انتظاري تہ شل راٺو ڀوپال سنگهہ سلامت هجي! رڪمڻيءَ
کي ڪيڏو نہ درد آهہ تہ هيتريون راجپوت استريون وڌوائون
ٿيون آهن! رڪمڻيءَ ويچار ڪيو نہ مئلن جو، اُهي تہ رام
وٽ سکي آهن، پر اُنهن پيارن جي، زالن ۽ پٽن ڌيئن ۽
مائٽن جو جي ويچارا دل ۾ درد پائي وينا پنهنجن پيارن
کي رئن!

رات گذري وڃي ٿي؛ پرڀات اچي ٿي. ڪڪر چنڊ
کي لڪائي ٿو. ڪڪر مان پاڻي اچي ٿو. زمين تي مينهن
وسي ٿو! ڄڻ ديوتا جنگہ مان بيزار آهن ۽ اِنسان جي
موُرکپڻي تي رئن پيا.

مينهن وڃي وسندو- هندستان جو شهنشاه، علائدين
پڇي نہ ٿو سگهي- منجهي پيو آهہ؛ ڏسي ٿو تہ سندس
لشڪر مان ڪيترا نہ مئا آهن! مينهن بس ٿئي ٿو؛ اونده
وڃي ٿي؛ پرڀات جي روشني وڌي ٿي؛ راڻي ڀوپال سنگهہ
جي اکين بہ ننڊ ڪين ڪئي آهہ؛ سويل صبوح جو راٺو
بادشاه جي لشڪر ڏي نهاري ٿو.

راٺو ڀوپال سنگهہ:- (ڪنول کي)- ڪنول پيارا! تنهنجون
اکيون منهنجن کان تکيون آهن؛ ڇو تہ تون ننڍو آهين- اُن تنبوءَ

جي وچ ۾ اهو پيار آهہ جو راڻي ۽ منهنجي وچ ۾ آهہ.
پيار تہ سوُر ۽ ڏکہ ۽ موت تي سوپ پائي ٿو!“

هينئر راڻيِ همٿ سان ڪونيءَ مان لنگهي ٿي. ڪنول
ڳوڙهن کي روڪي ٿو؛ من ۾ منجهيل آهہ- پيار ۽ عزت سان
بهادر ڪتري استريءَ ڏي پيو نهاري. ڪنول سمجهي ٿو تہ موت
کي بہ طاقت نہ آهہ جو راڻيءَ جي پيار ۽ همٿ کي هار ڏي.
هينئر هڪ وڏو آواز ٻڌي ٿو. ڪٿان ٿو اچي؟ ڇو؟ سبب ڪهڙو
ڪنول ڪونيءَ مان تڪڙو هيٺ هلي ٿو تہ ”ڏسان ڪهڙي
تڪليف آهہ؟ ۽ ڪنهن کي؟ ۽ هن شينهن جهڙي گجگوڙ جو
ڪارڻ ڪهڙو؟“

*

رات جو وقت آهہ- ڪنول ڇا ٿو ڏسي؟ هيٺ ميدان
جنگہ پيئي لڳي! سچي رات جنگہ! بادشاه جو لشڪر وري وري
نيلور جي قلعي تي ڪاه پيو ڪري، وري وري هٽجيِ پيو وڃي
ڪتري ڪئن نہ وڙهن ٿا! بهادر آهن! بادشاه جو لشڪر وڏو آهہ
پر هي ڪتري ڇڏڻ وارا ڪين آهن. وري وري بادشاه جي لشڪ
کي هٽائين ٿا؛ سچي رات جنگہ جا نعرا پيا هڻن! نيلور قلعي
جي دروازي وٽ ڪيترا نہ مئل پيا آهن! ڪيترا قتيل ويچار
سوُر ۾ پيا ڦٿڪن! راڻو پوپال سنگہ ۽ ڪنول تہ بهادريءَ سان
جنگہ ميدان ۾ بيٺا آهن؛ ڪترين کي پيا همٿائين ۽ بادشاه
جي لشڪر هٽائڻ ۾ پاڻ کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن
قلعي جون ڀتيون مضبوط آهن، ۽ ڪتري بهادر آهن؛ نہ

ڪنول:- پيارا چاچا! ائين نہ هوندو- لشڪر
جا ماڻهو اسان کان ڪترين کان ڏهوڻا آهن. جي جنگہ ميدان
۾ وچي وڙهون تہ شايد اسان کي لتاڙي وڃن- پر مون کي
هن دغاباز بادشاه جي چال نہ ٿي وڻي؛ نڪي سندس نياپا؛
ڪيس مان لشڪر ۾ ڏسان ٿو!

راٺو پوپال سنگهہ:- (قلعي جي پٽ تي ٽيڪ ڏيئي):-
تنهنجو نياپو ڪهڙو آهہ؟

بادشاه ۽ سندس ساٿي مٿي نهارين ٿا- راٺي جو
منهن ڏسن ٿا- سندس منهن مان رت پيو ڳري- راٺو،
عبدلاخان کي ڏسي ٿو- عبدلاخان گهوڙي سوار آهہ؛ خار
اٿس؛ سندس سڄي ٻانهن ڦٽيل آهہ؛ پٽي ٻڌل اٿس.

راٺو پوُپال سنگهہ (عبدلاخان تي ننولي ڪري ٿو):-
”ها! ها! منهنجا دوست عبدلاخان! مون تہ سمجهو
هو تہ تون هيءَ دنيا ڇڏي دوزخ ۾ هليو آهين!“

عبدلاخان ڪاوڙ ۾ خارن ۾ ڏند ڪرٽي ٿو، گهوڙي
جو لغام هٿن مان ڇڏي ٿو، پوءِ هڪ هٿ جي تريءَ سان
راٺي ڏي شوخ نهاري ٿو ۽ چوي ٿو

عبدلاخان:- (راٺي کي) اجان تہ هِت آهيان، نہ
دوزخ ۾؛ پر اَءِ جهنم جا ڪتا! مان هت ترسيو آهيان هن
ڪري تہ توکي شيطان جي مڪان ڏي موڪليان!

هينئر بادشاه پنهنجو هٿ مٿي کڻي ٿو، اڳتي
قدم کڻي ٿو ۽ چوي ٿو؛

ڏي نهار ۽ مونکي ٻڌاءِ تہ تون ڇا ٿو ڏسين؟

ڪنول پنهنجون ٽڪل اکيون مٿي ڪڍي ٿو- نند
پيئي اچيس، پر جڏهن نهاري ٿو تہ چوي ٿو:-

”هي ڇا؟“

ڪنول:- (راٺي ڀوپال سنگهہ ڏي نهاري چوي ٿو):-
”ڏسان ٿو تہ بادشاه جو لشڪر هيٺئر قلعي تي وڏيڪ حملو
نہ ٿو ڪري؛ هٽي پيو، پٺتي پوي پيو- هڪ دفعي اوهين
بہ نهاريو!“

ڪنول ماٿهن ڏي آڱر ڪڍي ٿو جي پنهنجا تنبو پي
بند ڪن ۽ پنهنجون جهوپڙيون پيا ڊاهن؛ سامان پيا ڪڍن
۽ ميدان ۾ آواز پيو اُٿي:- ”لشڪر هٽجي هليو وڃي
ٿو!“

راٺي ڀوپال سنگهہ:- ”واه! واه! هيٺئر هن ظالم
بادشاه کي پروڙ پوندي تہ راجپوتن کي ڪيتري نہ طاقت
آهہ!“ پر ڏسو! ۽ راٺو گهوڙي سوارن ڏي نهاري ٿو جي
تنبوءَ کان ٻاھر کي ڇنائي ميدان مان لنگهي قلعي ڏي
هلن ٿا- ”هيءَ ڪهڙي نئين چالاڪي آهہ؟“

هيٺئر راٺو ۽ ڪنول ڇا ٿا ڏسن؟ ميدان ۾ هڪ اڇو جهنڊ
کڙو ڪيو اٿن- اهو آهہ صلح جو جهنڊو! جهنڊو! پيو ڦرڪي.

راٺو ڀوپال سنگهہ:- صلح لاءِ عرض ڪن ٿا ڇا شايد ڊپ
اٿن تہ لشڪر موت کائي تہ سندن پنيان ڪتري نہ پون!

شکر سميت موٽي وچي تو تنهن کان پوءِ راڻي، ڪنول،
ٽري سردار ۽ رڪمڻيءَ سپيئي ديويءَ جي مندر ۾ گيت
ڳائين ٿا!

ديوي ڀواني! آهي جڳ تو پاتي
ملي سڀ ڪريون ٿا تنهنجي آرتي!
دهلي تخت تي آهہ دغاباز بادشاه
قسمت هندستان جي اهڙي آهہ!
پر کترين جي قوم کي آهي تو بچايو
وٺان تو ڀواني! اسان ٻل آيو!
تنهنجي آهہ نياڻي تہ هيءَ رڪمڻي؛
اسان جي ملڪ جي سندر مٽي!
رکيو رڪمڻيءَ کي تہ تو آهہ نرمل
چمڪي تہ اڄ تي جڳ روشن ڪمل!
دغاباز دشمن کي تو ئي هٽايو؛
کترين جي ڪُل کي تہ تو ئي ڪٽايو!
چرنن تنهنجن ۾ اسين سر جهڪايون
سدا شل آسيس تنهنجي تہ پايون!
ڌرم جي تي جئڪار، ديوِي ڀواني!
هجي هند گلزار! نوري نماڻي!

بادشاهہ:- بس! اَءِ ڪترين جا راٺا! مان اڃان تو توکي
ڇوڙ تہ بادشاهہ پنهنجو انجام ڪين ٿوري- اَءِ راٺا! هن
ڪترين جي قلعي تان لشڪر موٽايان ٿو!

راٺو:- ها! ها! تنهنجو انجام! اَءِ هندستان جا بادشاهہ!
(ائين چئي راٺو نفرت ۾ پٽ تي ٿڪ ڦٽي ڪري ٿو) اَءِ
بادشاهہ! تنهنجو انجام آهہ جئن جنگہ ميدان ۾ تنهنجو
وڙهڻ: ڪنهن نہ ڪم جو!

بادشاهہ جو رت منهن ۾ چڙهي وڃي ٿو- پنهنجي
ڪاوڙ کي روڪڻ جي گهڻي ڪوشش ڪري ٿو ڇوي ٿو:-

بادشاهہ:- هينئر لشڪر موٽائي وٺي وڃان ٿو- پر ياد
رکہ! وري ايندس!

راٺو:- بيشڪ وري اچج ۽ اسان ڪترين جون
سوکڙيون اچي وٺج، تلوار ۽ تير ۽ موچرا!

ڪتري ٻڌن ٿا ۽ بادشاهہ تي کلن ٿا ۽ قلعي اندران
ڪنول ڇوي ٿو:-

ڪنول:- وري اچجو! يلي! يلي!

(٧)

بادشاهہ ڪکو وکو ٿي باقي بچيل لشڪر سميت موٽي
وڃي ٿو- وري ڪين آيو- دغاباز بادشاهہ وڃي دهليءَ ۾
پنهنجو شرم لڪايو- رڪمڻيءَ جي پوٽرتا ۽ ڪنول جي
سمجهہ ۽ ڪترين جي بهادريءَ رڪمڻيءَ کي بچايو! بادشاهہ

هڪ ڏينهن ڪوسمب راجا وٽ ماڻهو ڊوڙندا اچن
ٿا:- ”سائين! پريان لشڪر ڪاهيندو پيو اچي!“ راجا مٿان
محلات مان ڏسي ٿو ته برابر لشڪر ڌوڪيندو پيو اچي؛
چتاءَ بنان اوچتو ئي اوچتو ڌوڪيندو پيو اچي- راجا
ڪوسمب سمجهي ٿو ته هي ٻيو راجا جو ڪوئنس ڪندو آهي
اُنجو لشڪر ڪاهيندو پيو اچي- يڪدم راجا ڪوسمب
پنهنجي لشڪر کي حڪم ڪري ٿو ته ”تيار ٿيو ملڪ کي
بچائڻ واسطي“- هيئر راجا ڪوسمب پنهنجي راڻيءَ ميتا
کي ملي ٿو! ۽ چويس ٿو:- ”مان موڪلايان ٿو- تون محلات
اندر ويه- مان نٿو چاهيان ته تون جنگ ميدان ۾ تڪليف
۾ اچين!

ميتا:- راجن! اوهين وڃو جنگ جي منهن ۾ ۽ مان
ويهي رهان سلامت محلات ۾! ائين ڪئن ٿيندو؟ اوهين
تيرن تلوارين کي منهن ڏيو ۽ مان هت آسودي ٿي رهان!
منهنجو ته سڪ آهه اوهان جي چرنن ۾! شل ملڪ جي
صدقي منهنجا پران تياڳ ٿين!

راجا:- جئن تنهنجي مرضي! تون مونسان هل! پر
خبر ناهي ته جنگ جو نتيجو ڪهڙو نڪري؟ جنگ ته آهه
قسمت جو کيل! جي مون کٽيو ته واه! جي مون هارايو ته
مان ميدان مان نه موٽندس! اُتي ئي پران ڏِيندس! جي
جنگ ۾ مري وڃان، ته صلح ڪجو! صلح جو جهنڊو کڙو

ميتا

هڪ جنگہ قديم زمانيَ جي ڀارت ۾ ٿي- اُن وقت
ڀارت جي هڪ ڀاڱي جو راجا هو ”ڪو سمنب.“ اُهو هڪ
پرسڌ راجا ٿي ويو آهہ- سندس راڻيءَ جو نالو ”ميتا“! هن
اکر جي مَعنيٰ ڇا آهہ؟ ”ميتا“ اُها جنهن کي ڪنهن لئہ
بہ وير وروڌ ڪونهي،جا سڀني جي ”متر“ آهي؛ ميتا اهڙي
استري هئي- جو اَسان کي پيار ڏئي ٿو، تنهن کي سپاويڪ
اسين بہ ٿا ڀانيون- ميتا کي سڀيئي ڀائئين ٿا؛ ڇو تہ ميتا
سڀني جو ڀلو ٿي چاهي- راڻي ميتا راجا کي وري
چوي تہ ”راڄ ڪمايو پر سچ ۽ ديا جي راهہ ۾!“

اُنهي راجا ڪوسمب جي ملڪ نزديڪ هڪ ملڪ آهہ-
اُن جو راجا هِن راجا ڪوسمب سان تڪرار تو ڪري- ڪيترا
دفعا ڀاريسڙي ڀاڻ ۾ تڪرار ڪن ٿا- هي راجا ڪوسمب
سان ڪوئس ڪري ٿو- ڪوسمب کي ڪنهن سان بہ وير وروڌ
نہ آهي.

بادشاه:- (ميتا ڏي نهاري ٿو- ميتا جي سونهن
ڏسي حيران ٿئي ٿو!) ”ميتا! ڊڄ نہ! تنهنجي سونهن جي
هاڪ مون ٻڌي هئي پر هينئر ڏسان ٿو- چنڊ کان وڌيڪ
چمڪو آهہ تنهنجي ڪمل مکڙي ۾- پٽي تنهنجو مري
ويو- هاڻ منهنجي ٿي! مان توکي پٽ راڻي ڪندس ۽
منهنجون ٻيون راڻيون تنهنجون ٽهليون، سهيليون
ٿينديون“-

ميتا:- اَءِ دشٽ! تنهنجي اکين ۾ شيطان آهہ-

بادشاه اهي اکر ٻڌي ٿو ۽ پاڻ وڌيڪ ويچار ٿو
ٿئيس تہ ڪٺن بہ ميتا کي هٿ لايان- بادشاه ميتا جي
وڌيڪ نزديڪ اچي ٿو.

ميتا:- خبردار! اَءِ دشٽ راجا! جي مونکي هٿ
لائيندين تہ ڀسم ٿي ويندين!

ميتا جي اکرن ۾ ڇا آهي؟ پر وري ويچار اچيس
ٿو تہ ڪٺن بہ مان ميتا کي هٿ لايان.

بادشاه:- ميتا! ميتا! جي مون وٽ نہ ايندينءَ تہ
توسان زورِي ڪندس!“

ميتا:- اَءِ دشٽ! دوُر ٿي!

بادشاه جو منهن ڪاوڙ ۾ لعل ٿي پوي ٿو ۽ نوڪرن
کي حڪم ڪري ٿو تہ:- ”هن استريءَ منهنجي بي عزتي
ڪئي آهہ- هن کي قابو ڪري آگہ ۾ اُڇلايو! بادشاه جا

ڪجو! اُن وقت تون ميدان مان ڀڄي وڃج؛ نہ تہ هي
ظالم راجا توکي پڪڙي محلات ۾ قابو ڪندو ۽ توسان
زوريءَ شادي ڪندو!

ميتا:- پوجيہ پتي! مون تي آسيس ڪريو تہ اهڙ
ڏينهن نہ اچي! آسيس ڪريو تہ اِڪ اِڪ پل مان پوترتا ۾
رهان! پتورتا استريءَ وانگر اوهان کان اڳي يان اوهان
سان گڏ مران!

*

جنگ لڳي تي! ڪوسمب جو لشڪر وڃي ٿو ڪٽندو
پنهنجي طاقت وڌيڪ وڌيڪ ڏيکاري ٿو- اوچتو ئي اوچتو
ٻئي راجا ميدان ۾ هڪ ٻئي سان مقابلو ڪن ٿا- ٻئي
پنهنجون تراريون ٻاهر ڪڍن ٿا! اُن وقت ڇا ٿو ٿئي؟
گهڻي وقت کان پوءِ راجا ڪوسمب کي ترار جو سخت ڌڪ
لڳي ٿو، ڦٽجي ٿو، مري وڃي ٿو! يڪدم صلح جو جهنڊو
کڙو ڪن ٿا- ميتا اِهو ڏسي ٿي ۽ پتيءَ جو حڪم ياد ڪري
ٿي- هاڻ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري ٿي- هڪ وفادار نوڪر
سندس رکيا ڪري ٿو- وڃي ٻوڙون پائيندي؛ پر قسمت
پرٻل آهي؛ قسمت کان ڪير ڀڄي؟ رستي تي ظالم جا
ڪي ماڻهو بيٺا آهن جن کي اڳيئي حڪم هو تہ ”ميتا
کي ضرور پڪڙجو!“- ظالم جا ماڻهو ميتا کي پڪڙي راجا
جي سامهون کڙو ڪن ٿا- ميتا ويچاري تہ آهہ ويڳاڻي!

سوُچنا

پياري پاٺڪو،

اَڄڪلھ پني ۽ پرنٽنگ جا خرچ ۽ پڻ ٻيا خرچ ڪافي قدر وڌيل آهن. اِن ڪري ڪو ٻہ پاءُ يا پيڻ هن شپ ڪاريہ ۾، ڊونيشن جي روُپ ۾، خوشيءَ سان پئسا موڪليندو تہ سويڪار ڪيا ويندا، پر اِن لاءِ ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ ٻنڌن ڪين آهي.

جنهن بہ گهر ۾ سنتن جي ٻاڻي پڙهجي ٿي، اُن گهر تي پريوءَ جي آسيس چمڪي ٿي ۽ واهگرو برڪت جا ڀنڊار ڀرپوُر ڪري ٿو. شل توهان تي ۽ گهر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ تي ۽ توهان جي ڪمن ڪارين تي دادل شاه جي آسيس چمڪي، چمڪندي رهي!

جيڪڏهن توهان جو چندو پورو ٿي چڪو هجي تہ ڪرپا ڪري نئون چندو موڪليندا.

مَنري آرڊر يا ڊرافٽ هيٺين اَڊريس تي موڪليندا:

Sant Mala, Sadhu Vaswani Mission,
10, Sadhu Vaswani Path, Pune 411 001. (India)

چندي جا نوان اَگهہ هن ريت آهن:

For India
Yearly Subscription Rs. 30/-
For Four Years Rs. 100/-
Life Membership Rs. 1000/-

For Foreign: (By Air)
Yearly Subscription $10 USD
Life Membership $ 200 USD

Editor : Shri A.M. Vaswani (Phone: 40064447)
Published by: Sadhu Vaswani Mission
Owned by: Sadhu Vaswani Mission
at 10, Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001
Typeset & Printed By S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
B-9, Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk, Pune -1. ✆ : 26050755

ماڻهو ميتا کي پڪڙين ٿا ۽ آگہ ۾ اُڇلائين ٿا! اُن وقت
ميتا جي منهن ۾ وڏيک جوت جاڳي ٿي، وڏيک سونهن
وڏيک شانتي!

پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟ ميتا باهہ ۾! پر اگني تہ ميتا جي
اک وار جو بہ نالو نہ ٿي ڳنهي! سيتا وانگر ميتا بہ با
منجهان سلامت لنگهي وڃي ٿي! راجا ڏسي ٿو تہ ميتا
کيئن باهہ مان لنگهي ٻاهر نڪتي آهہ. باهہ مان ٻاهر نڪري
ميتا بادشاہ کي اکيون کڻي نهاري ٿي- جي ست پرش ديا
درشٽي ڪن تہ دشٽ بہ تري پون- ميتا ويٺي راجا ڏي
نهاري- هينئر بادشاہ ميتا جي چرنن تي ڪِري پوي ٿو:

بادشاہ:- اَءِ ديوي! اَءِ ماتا! ڏي تون مون کي معافي
اڄ ڏينهن کان وٺي مان تنهنجو شش؛ مونکي چرنن ۾
وهار! ديا درشٽيءَ سان روز نهار! مون کي سيکار!''- بادشا
ميتا کي سندس ملک موٽائي ڏئي ٿو ۽ ميتا کي پنهنج
گرو ڪري ٿو؛ پوءِ هٿ ٻڌي وري ميتا کي ٻينتي ڪري
ٿو:- ''ميتا راڻي! مون کي سيکار!'' تڏهن بادشاہ کي ميتا
هيءَ سکيا ڏئي ٿي:-

''نرمل صاف سدا جا نماڻي!
سا تہ سياڳي راڻين راڻي!''

سائي راڻين جي راڻي آهي جا نرمل صاف رهي
ٿي نماڻي!

R.N.I.MAHSIN/2001/6085 PNCE/172/2009-2011

سنتن جي جيون چرتر تي
دادا واسوانيءَ جا پستڪ

١. شري جپ صاحب اُپديش (ٽي ڀاڱا:٨٥٨ پيج)	١٠٠ رپيا
٢. نوُريءَ جي نهار: اَنجليءَ جي پڪار (پڪي جلد سان)	٤٠ رپيا
٣. شري سکمني صاحب (ارٿ واد) (پڪو جلد)	٣٠ رپيا
٤. شريمد ڀڳوت گيتا (پڪو جلد)	٢٥ رپيا
٥. شري جپ صاحب (ارٿ واد) پڪي جلد سان	٢٥ رپيا
٦. نوُرِي ٻاٽِي (پڪي جلد سان)	٣٠ رپيا
٧. دادا واسواڻِي: سندس شبدن ۾	٨٠ رپيا
٨. ڀارت جي نوُنرماڻ جو منهنجي اَکين ۾ سپنو	١٠ رپيا
٩. موت: اننت جو دئار	١٠ رپيا
١٠. بگڙي بناني والا	١٠ رپيا
١١. حاضران حضور	١٠ رپيا
١٢. مکڙيون	١٥ رپيا
١٣. فقير فرانسز	١٠ رپيا
١٤. قرن فقير ويچارا، صورت لئہ سوين سڪن ٿا	١٥ رپيا
١٥. ميران مستانِي	١٠ رپيا
١٦. نوُريءَ سان گفتگو	١٥ رپيا

پستڪن جي لسٽ ۽ ٻِي لکپڙه لئہ لکو:-

Manager, Sant Mala,
10, Sadhu Vaswani Path, POONA - 411 001. (India).

JUNE 2010